# سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 1984

# سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH TOWN PLANNING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 3 ۾ شرطيه بيان جو اضافو

Insertion of proviso to section 3 of Sindh Act I of 1915

3. 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Sindh Act I of 1915

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 1984

## سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH TOWN PLANNING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾، (جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 3 جي شرطيہ بيان ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br><br>"بشرطيڪ وڌيڪ اهو تہ هر اسڪيم مسجد لاءِ پلاٽ جي گنجائش ڪيندي ۽ ان جي نشاندهي ڪندي." | 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعہ 3 ۾ شرطيہ بيان جو اضافو<br><br>Insertion of proviso to section 3 of Sindh Act I of 1915 |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، موجود دفعہ 21 کي ذيلي دفعہ (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽ ان جي شرطيہ بيان ڪانپوءِ هيٺيان ذيلي دفعات شامل ڪيا ويندا:<br><br>"(2) ملڪيت جي مارڪيٽ اگهہ جي کان علاوه جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، مالڪ کي اهڙي مارڪيٽ اگهہ جي پندرنهن سيڪڙو برابر رقم لازمي طلبي واري صورت ۾ ادا ڪئي ويندي.<br><br>(3) مالڪ کي پندرنهن سيڪڙو ساليانو واڌو معاوضو پڻ هن دفعہ تحت ذيلي دفعہ (1) هيٺ ٻڌايل تاريخ کان معاوضي جي ادائگي واري تاريخ تائين ڏنو ويندو." | 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعہ 21 جي ترميم<br><br>Amendment of section 21 of Sindh Act I of 1915 |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**